

سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# اوراد

## پڙهڻ

22 جنوری 2026

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **72 نيڪ اعمال** مان هڪ نيڪ عمل **اوراد پڙهڻ** جي مُتعلق مفيد ترين معلومات ڏني ويندي ۽ **ڪفر و فقر جي دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيم!

## اوراد پڙهڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ کان ويجهو اهو هوندو، جنهن دنيا ۾ مون تي سڀ کان وڌيڪ درودِ پاڪ پڙهيو هوندو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عمل نمبر: 7

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جي صورت ۾ شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو نيڪ عملن جو رسالو عطا فرمايو آهي، تہ جيئن مسلمان انهن سوالن جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺندي پنهنجي آخرت بهتر ڪري سگهن. اڄ اسان '72 نيڪ عملن' جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 7 بابت

1 ترمذی،ابواب الوتر،باب ماجاء فی فضل الصلاۃ علی النبی صلی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم،صفحہ:144،حدیث:484۔

سکنداسين.

**نيڪ عمل نمبر 7:** ڇا اڄ توهان ڄا شجري ڪجهه نہ ڪجهه اَوراد پڙهيا؟[1]

هن نيڪ عمل ۾ سومر شريف يا هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن نفل روزو رکڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي، تہ اڄ اسان نفل روزن جي باري ۾ پڙهنداسين.

## شجرو ڇا آهي؟

مشائخ ڪرام پنهنجي مريدن ۽ طالبن کي شجرو عطا فرمائيندا آهن، جنهن ۾ مختلف اوراد ۽ وظائف ۽ دعائيہ شعرن جي صورت ۾ شجره طريقت بہ هوندو آهي. الحمد للہ اهڙي طرح اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ بہ پنهنجي مريدن ۽ طالبن لاءِ شجره قادريہ، رضويہ، عطاريہ مرتب فرمايو آهي، جنهن ۾ مختلف اوراد ۽ وظائف ۽ شجره طريقت يعني قادري سلسلي جي تمام بزرگن جو ذڪر موجود آهي.

## آيتِ مبارڪ

اللہ پاڪ فرمائي ٿو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۱﴾

وَّ سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۴۲﴾ (پاره:22، الاحزاب: 41-42)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! اللہ کي گهڻو ياد ڪريو ۽ صبح و شام سندس پاڪائي بيان ڪريو.

هن آيت ۾ ڪثرت سان اللہ پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جو فرمايو ويو آهي. ڪلمي طيبہ جو ورد، اللہ پاڪ جي تسبيح ۽ (وظائف) وغيره ڪرڻ سڀ

[1] 72 نيڪ اعمال، صفحہ:15.

الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ آهي.[1]

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڇا مان اوهان کي اهڙا بهترين عمل نه ٻڌايان؟ ۞ جيڪي الله پاڪ جي ويجهو تمام گهڻا پاڪيزه ۞ اوهان جي درجن جي بلنديءَ جو سبب ۞ اوهان لاءِ سون ۽ چاندي خيرات ڪرڻ ۽ ۞ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ کان به بهتر هجن. عرض ڪيو ويو: جي ها. فرمايائون: اهو عمل الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ آهي.[2] ۞ هڪ روايت ۾ آهي: صبح ۽ شام الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جهاد ۽ خيرات ڪرڻ کان بهتر آهي.[3]

## اوراد و وظائف جي مُتعلق مُختلف مدني گُل

(1) استقامت سان اوراد ۽ وظائف پڙهڻ مستحب آهي[4] (2) جڏهن به ڪو وظيفو ڪيو وڃي ته ثواب جي نيت سان ڪيو وڃي ۽ ان کي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاجت طلب ڪرڻ لاءِ وسيلو بڻايو وڃي. جيڪڏهن صرف ان نيت سان وظيفو ڪيو ويو ته منهنجو ڪم پورو ٿي وڃي، ته اهو جائز ته آهي پر ان جو ثواب نه ملندو (3) وظيفو صرف جائز ڪم لاءِ ڪيو وڃي؛ ناجائز ڪم مثلاً مڙس ۽ زال جي وچ ۾ جهيڙو ڪرائڻ وغيره لاءِ وظيفو ڪرڻ حرام ۽ گناهه آهي(4)[5] اوراد ۽ وظائف بنا وضو جي به پڙهي سگهجن ٿا، پر بهتر اهو آهي ته وضو ڪيو وڃي (5) جن اوراد ۽ وظائف لاءِ تعداد مقرر (معين) آهي، انهن کي اوتري ئي تعداد ۾ پڙهڻ گهرجي؛ ڄاڻي واڻي ان ۾ ڪمي يا واڌارو نه ڪرڻ گهرجي.[6]

---

1تفسير صراط الجنان، پاره:22،سورۀ احزاب، تحت الآية :41،جلد8،بتغير قليل ـ

2 سنن ترمذی،کتاب الدعوات، باب ماجاء فی فضل الذكر، صفحه:778،حديث:3377ـ

3 الزہد لابن مبارک، الجز التاسع، صفحه:394،رقم: 1116ـ

4شرح مسلم للنووی، کتاب صلاة المسافرين،باب صلاة اليل ومن نام ...الخ، جلد:2،جز :6،صفحه:33،حديث:1739ـ

5 فتاوی رضویه، جلد:23،صفحه:398،ملخصاً

6 بہار شريعت،جلد 01،حصه 3،صفحه539،ملخصًاـ

## اُوراد و وظائف جا فائدا

۞ اوراد ۽ وظائف ڪرڻ سان روحانيت (Spirituality) ۾ اضافو ٿئي ٿو ۞ اوراد ۽ وظائف سان مشڪلاتون حل ٿينديون آهن، بلائون ٽرنديون آهن ۽ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهن ۞ اوراد ۽ وظائف ڪرڻ الله پاڪ جي ذڪر جو هڪ خوبصورت طريقو آهي ۽ * هي ڪامل ايمان جي نشاني * دنيا ۽ آخرت جي هر ڀلائي حاصل ڪرڻ *.. عذابِ الاهي کان نجات ملڻ * درجات جي بلندي ۽ * دل جي صفائي جو سبب آهي[1] ۞ اوراد ۽ وظائف ڪرڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا ڪرڻ جو بهترين انداز آهي ۽ * دعا عبادت جو مغز ۽ * دعا رحمت جي ڪنجي آهي * دعا مسلمانن جو هٿيار آهي * دعا دين جو ٿنڀ (ستون) آهي * دعا زمين ۽ آسمان جو نور آهي * دعا بلائن کي ٽاري ڇڏي ٿي.[2]

## مشائخ طريقت جو شجرو شريف پڙهڻ جا فائدا

۞ شجرو شريف روزانو پڙهڻ سان پنهنجي طريقت جي سلسلي جي تمام بزرگن جا نالا ياد ٿي ويندا آهن، جيڪو يقينن سعادت مندي آهي ۞ شجرو شريف پڙهڻ سان الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو آهي ۽ صالحين جو ذڪر ڪرڻ سان رحمتون نازل ٿينديون آهن، ايمان تازو ٿيندو آهي ۽ الله پاڪ جو قرب نصيب ٿيندو آهي ۞ نالي سان پنهنجي سلسلي جي مشائخن کي ايصالِ ثواب ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو آهي ۞ شجرو شريف پڙهڻ سان جيئن ته پنهنجي سلسلي جي مشائخن جو ذڪر ۽ کين ياد ڪيو ويندو آهي ، ته جڏهن خوشحاليءَ جي ڏينهن ۾ کين ياد ڪيو ويندو ته مصيبت جي ڏينهن ۾ اهي مصيبت دور فرمائيندا.

**اوراد ۽ وظائف نہ ڪرڻ جو نقصان:** اوراد ۽ وظائف نہ ڪرڻ ڪيترين ئي فضيلتن ۽ ثوابن کان محروميءَ جو سبب آهي. حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي: جنتي ماڻهن کي ان گهڙيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن بہ شيءِ تي حسرت نہ ٿيندي، جنهن ۾

[1] تفسير صراط الجنان ،پاره:2،سورهٔ بقره،تحت الآية :152،جلد:1،صفحہ:143،ملخصًا.

[2] ماہنامہ فيضان مدينہ ،جون /جولائی 2018،صفحہ:5،ملخصًا.

هنن الله پاڪ جو ذڪر نہ ڪيو هوندو.[1]

## شجري شريف ۽ اوراد و وظائف جي عادت بڻائڻ جي لاءِ

۞ شجري شريف ۽ اوراد و وظائف جون برڪتون پيشِ نظر رکو ۞ ثواب تي نظر رکو! ڪجهہ ماڻهو ڪجهہ ڏينهن وظيفو ڪري بيزار ٿي ويندا آهن تہ ڪم تہ ٿي ئي نہ پيو ۽ وظيفو ڇڏي ڏيندا آهن. حاجت پوري ڪرڻ جي بجاءِ ثواب جي نيت سان وظيفو ڪريو تہ جيئن جيڪڏهن ڪجهہ عرصو حاجت پوري نہ بہ ٿئي پر الله پاڪ چاهيو تہ ثواب ملندو رهندو ۞ وقت مقرر ڪري ونو! مثال طور فجر جي نماز کان پوءِ ڪجهہ دير مسجد ۾ ترسي وظائف ڪيو ۞ شروعات ۾ ڊگهن وظيفن جي بجاءِ ننڍا ننڍا وظيفا ڪيو! شروعات ۾ ئي ڊگها وظيفا شروع ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو تہ استقامت حاصل نہ ٿئي ۞ روزانو تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪريو! هن حلقي ۾ درسِ تفسير کان پوءِ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 7 جي مطابق ”اوراد ۽ وظائف“ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي، نيت ڪريو تہ روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ اوراد ۽ وظائف ضرور ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلی اللہ علیہ والہ وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڪڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

---

[1] شعب الايمان ، العاشر من شعب الايمان، باب في محبۃ الله ،فصل فی ادامۃ ذکر الله جلد:1،صفحہ:363،حديث:512-

### کفر و فقر جي دعا:

## اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُبِكَ مِنَ الۡکُفۡرِ وَالۡفَقۡرِ وَعَذَابِ الۡقَبۡرِ

**ترجمو:** اي الله! مان کفر، فقر ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَةُالۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الکرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوۡرَةُالۡاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنزالايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نَظرِي کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مکتبة المدينه جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** آذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينه بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي نماز جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قَبليه سنتون فرض کان

پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰۃالّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** بين ڪان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيرهہ) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نماز کان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم اللہ پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟

(59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شـرکت کئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتکاف کيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ کنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت کئي؟ (62): هفتي ۾ کنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رســـالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علاقائي دورو کيو (65): پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ کيو؟